SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ قانون نمبر XII، 1973

صوبي سنڌ جو مادي، وهمي، شفائي، جادوئي علاج، معجزاتي علاج، يقيني تسڪين تي اشتهار بازي جي (روڪٿام) جو قانون 1973ع

فهرست

تمهيد

دفعات

1. مختصر عنوان، نفاذ ۽ آغاز
2. تعريفون
3. مجلس جي جوڙجڪ
4. مجلس جا اختيار
5. اشتهارن تي پابندي
6. جرمانو
7. جرمن جي ٻڌڻي جا اختيار
8. واپاري ادارن جا ڏوهه وغيره
9. ضبط ڪرڻ
10. قانون ٺاهڻ جا اختيار
11. تحفظ
12. چوٽ
13. منسوخ ڪيل

سنڌ قانون نمبر XII، 1973

صوبي سنڌ جو مادي، وهمي، شفائي، جادوئي علاج، معجزاتي علاج، يقيني تسڪين تي اشتهار بازي جي (روڪٿام) جو قانون 1973ع

28 جون 1973

هي قانون جيڪو صوبي سنڌ ۾ صوبي سنڌ جو مادي ، وهمي، شفائي، جادوئي علاج، معجزاتي علاج، يقيني تسڪين تي اشتهار بازي جي (روڪٿام) جو قانون 1973 سڏرائيندو.

تمهيد

جيئن ته اهو ضروري سمجهيو ويو ته صوبي سنڌ ۾ صوبي سنڌ جو مادي، وهمي، شفائي، جادوئي علاج، معجزاتي علاج، يقيني تسڪين تي اشتهار بازي جي (روڪٿام) جو قانون 1973 جو قانون هجي.

مختصر عنوان، نفاذ ۽ آغاز

1. (1) هي قانون صوبي سنڌ ۾ صوبي سنڌ جو مادي، وهمي، شفائي، جادوئي علاج، معجزاتي علاج، يقيني تسڪين تي اشتهار بازي جي (روڪٿام) جو قانون 1973ع سڏرائيندو.

(2) هي صوبي سنڌ ۾ نافذالعمل ٿيندو/هوندو.

(3) هي فوري طور تي نافذالعمل ٿيندو.

تعريفون

2. هن قانون هيٺ (سياق سباق) مفهوم جي پيش نظر جن وضاحتن جي معنيٰ بيان ڪئي وئي هجي اهي هيٺ ڄاڻائجن ٿيون،

(الف) "اشتهار بازي" معنيٰ اهڙو اشتهار جيڪو مادي، وهمي، شفائي علاج، جادوجي علاج، معجزاتي علاج، جيڪو زبان سان ادا ڪيو ويو يا تحريري/لکت يا ڇپيل هجي يا مشيني ايجاد يا ڏيکاءُ يا شايع ڪيل،

(ب) "Board" بورڊ جي معنيٰ اها بورڊ Board جيڪا شق نمبر 3 هيٺ جوڙيل هجي،

(ج) "مادي" وهمي، شفائي، معنيٰ/مطلب شامل---

(i) ڪوئي به دوا يا مادو جيڪو تشخيص (Diagnosis) جي لاءِ، روڪٿام، علاج معالجو، يا مرض جي ڪميعلالت، پيري يا ڪوئي جسماني يا انساني دماغي حالت، جيڪا دوا يا مادي جي طور تي استعمال يا تيار نه ڪئي وئي هجي، طبعي اصولن مطابق، بنام آيورويدڪ، يوناني، هوميوپيٿي، حياتي ڪيميائي يا ايلوپيٿڪ،

(ii) ڪائي شئي يا اوزار جيئن ته نقشو، تعويذ، ڪفاچو، منڊي، ڪڙو، بجلي جا جهٽڪا، ٿڌو غسل، يا ڪائي ٻي شئي يا اوزار کي مشهور ڪيو وڃي جادوئي يا حيران

ڪندڙ طاقت ذريعي تشخيص، تدارڪ، علاج، معالجو، ڪنهن مرض جي ڪمي يا علالت ضعيف و پيري، يا جسماني يا انساني دماغي حالت.

(iii) ڪائي به دوا، مادو يا شئي جنهن کي حڪومت وهمي شفائي قرار ڏنو هجي.

(ج) ”حڪومت“ مطلب حڪومت سنڌ/سنڌ سرڪار.

(د) ”يقيني تسڪين“ جي معنيٰ يقيني تدارڪ جي پيشڪش ڪرڻ،معالجي يا ڪنهن مرض جي ڪمي، ضعيف و پيري يا ڪهڙي به جسماني يا انساني ۽ دماغي حالت ۽ انهيءَ ڪانپوءِ ڪنهن شخص يا شخصن کي انهيءَ ڳالهه تي مجبور ڪرڻ ته روڪٿام، علاج يا ڪمي جي لاءِ ادائگي ڪري.

(هه) ”جادوئي علاج“ يا ”حيران ڪندڙ طاقت ذريعي علاج معالجو“ (”ما فوق الفطرت معالجو“) معنيٰ اهو علاج يا پيشڪش ڪرڻ ته وهمي شفائي طريقي جي ذريعي جادوئي يا (مافوق الفطرت) حيران ڪندڙ طاقت ذريعي علاج معالجي سان مشهور ڪري تشخيص، تدارڪ، علاج يا ڪنهن مرض جي ڪمي، علالت، ضعف و پيري يا ڪائي جسماني يا دماغي حالت:

(خ) ”تجويز ڪرڻ“ معنيٰ جيئن ته ضابطن ۾ آهي.

مجلس جي جوڙجڪ

3. (1) حڪومت گهٽ ۾ گهٽ 13 رڪنن تي ٻڌل مجلس (بورڊ) ترتيب ڏيندي، جنهن جي نامزدگي انهيءَ طريقي سان هوندي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ رڪن هر هڪ پيشي (فارماڪولاجي) دواساز ميڊيڪل ڪاليج، حڪمت، هوميوپيٿڪ، اشتهاري ايجنسي، دوا ساز ڪمپني، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن، اخباري انجمن، ريڊيو پاڪستان، ٽيلي ويزن ڪارپوريشن، سينيما مالڪن جي انجمن، مان هوندو ۽ ٻه رڪن صوبائي اسيمبلي سنڌ مان هوندا.

(2) (i)صحت کاتي جو وزير مجلس (بورڊ) جو چيئرمين هوندو.

(ii) صحت کاتي جو سيڪريٽري، ڊائريڪٽر صحت، سروس ۽ ڊرگ ڪنٽرولر سنڌ ايڪس آفيشو/آفيسر

رڪن هوندا.
(iii) ڊرگ ڪنٽرولر سنڌ بورڊ جو سيڪريٽري هوندو.
(3) بورڊ جا نامزد ڪيل ارڪان ٻن سالن لاءِ آفيس رکي سگهندا پر ٻيهر نامزد ٿيڻ جا اهل هوندا، بشرطيڪ بورڊ جو چيئرمين ڪنهن به وقت تي اهڙي ڪنهن رڪن کي هٽائي سگهي ٿو.
(4) ارڪان کي بورڊ جي گڏجاڻين ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ وظيفو ڏنو ويندو، جيئن تجويز ڪيل هجي يا بورڊ جي نامزد ٿيل ارڪان طور اهڙا ٻيا ڪم ڪرڻ جو چئي سگهجي ٿو.
(5) بورڊ اهڙيون گڏجاڻيون ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي هنڌ تي ڪاروهنوار هلائي سگهي ٿو جيئن تجويز ڪيل هجي.

بورڊ جا اختيار

4. بورڊ کي ڪنهن به نظر ۾ آيل ڪنهن به اشتهار جو معائنو ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ ان کي منظوري لاءِ چئي سگهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو، جيڪو مناسب هجي.

اشتهار تي پابندي

5. ڪو شخص بورڊ کان جيئن تجويز ڪيل هجي طريقي موجب منظوري کانسواءِ اشتهار نه جوڙيندو، پرنٽ يا شايع ڪندو يا ڪنهن اشتهار جي جڙڻ، پرنٽ ٿيڻ يا شايع ٿيڻ جو سبب نه بڻجندو.

ڏنڊ

6. جيڪو به دفعه 5 جي شقن سان ٽڪراءَ ۾ ايندو ان کي قيد جي سزا لڳي سگهي ٿي، جيڪا ڇهه مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو، بشرطيڪ ساڳئي قسم جو ڏوهه ٻيهر ڪندي ڏٺو وڃي، ان کي قيد جي سزا لڳي سگهي ٿي جيڪا وڌي ٻن سالن تائين ٿي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو وڌي ڏهه هزار رپيا ٿي سگهي ٿو.

ڏوهن جو تدارڪ ۽ ٽرائل

7. (1) هن ايڪٽ تحت ڏوهه نان ڪاگنيزايبل (Non-cognizable) ۽ ضمانت جوڳو هوندو.
(2) هن ايڪٽ تحت هر ڏوهه بورڊ طرفان عام طور يا خاص طور مجاز ٿيل شخص جي لکت ۾ شڪايت تي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ٻڌڻي ڪري سگهي ٿو.

(3) عدالت، سرڪاري وڪيل طرفان لڪت ۾ درخواست تي، هن ايڪٽ تحت ڏوهه جي ٻڌڻي ڪري سگهي ٿي، هڪ خلاصي جي صورت ۾، ڪورڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (Act V of 1898) جي دفعن 262 کان 265 ۾ شامل شقن موجب.

واپاري ادارن جا ڏهه وغيره

8. هن قانون جي ڏوهن هيٺ ملزم هوندو، واپاري ادارو هجي، جماعت، شراڪتي ڪاروبار جنهن جي علم ۾ رضامندي يا وري لڪيل (چشم پوشي) ڏوهه ڪيو ويو هجي اهڙي طرح سزا وارو هوندو جهڙي طرح اهو ڏوهه پاڻ ڪيو هجي

ضبط ڪرڻ

9. جڏهن به ڪوئي ماڻهو هن قانون تحت/هيٺ سزاوار هوندو، اشتهاري سامان، دوائون يا پيو ڪو مواد جنهن جي وجهه سان هن کي سزا ٿي هجي انهيءَ کي سرڪار ضبط ڪري ڇڏيندي ۽ اهڙي طرح انهيءَ کي ضايع ڪيو ويندو، جهڙي طرح تجويز ڪيو ويو هجي.

قانون/قاعدا ٺاهڻ جا اختيار

10. (1) هن قانون جي ضابطن کي جاري رکڻ جو اعلان سرڪاري طور تي سرڪاري گزيٽ ۾ شامل ڪيو ويندو.

(2) خاص طور تي ۽ انهن اختيارن سان تعصب کان سواءِ اهي قاعدا هيٺين ريت هوندا:-

(a) وهمي، شفائي، مادن جي اشتهارن جا قاعدا ۽ صابطا

(b) مجلس قانوني طريقيڪار اختيار ڪندي، جڏهن ته اشتهاري اجازت نامو رد يا منظور ڪندي.

(c) اشهتارن جو اجازت نامو منظور ڪندي اهڙي اجازت جي لاءِ فيس وصول ڪئي ويندي.

(d) اهڙا اشتهار جيڪي وهمي شفائي مادي طور جاري ٿيڻا هجن انهن جو جائزو ورتو ويندو.

(e) شرط ۽ صابطا اشتهارن جي اجازت نامي جي لاءِ ڏني ويندي.

(f) مجلس جي رڪنن کي وظيفو (Allowance) ڏنو ويندو.

(g) اهو طريقو جنهن جي تحت اشتهاري مواد، دوائون، يا مادو شق 9 هيٺ ضبط ڪيو ويو هجي انهيءَ کي

ضايع ڪيو ويندو.

(h) ڪميٽي جي رڪنن جي چونڊ جو طريقو ۽ ترتيب

تحفظ

11. هن قانون هيٺ ٺاهيل ضابطن هيٺ ڪنهن به اهڙي شخص خلاف جنهن نيڪ نيتي سان ڪوئي به عهد ڪيو هجي يا ڪرڻ جو ارادو رکندو هجي انهيءَ جي خلاف ڪوئي به مقدمو، استغاثه يا ٻي ڪا قانوني چارا جوئي/ڪارروائي نه ٿيندي.

چوٽ (استثنيٰ)

12. سرڪاري بورڊجي سفارش تي ۽ سرڪاري جريدي نوٽيفڪيشن هيٺ وهمي شفائي، مادي، هن قانون يا ٺاهيل ضابطن هيٺ بغير ڪنهن شرطن جي چوٽ ڏيندو.

منسوخ ڪيل

13. سنڌ (ڊرگ) دوائن جو اشتهاري قانون 1948ع (سنڌ قانون II مجريه 1948ع) کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.